SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس XXI مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 2001

سنڌ سرڪاري ملازمين (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XIV مجريہ 1973 دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of Section 5 of Sindh Act XIV of 1973

سنڌ آرڊيننس XXI مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 2001

سنڌ سرڪاري ملازمين (ترميم) آرڊيننس، 2001

THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[26 جون 2001]

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن تہ 14 آڪٽوبر واري اعلان 1999 ۽ 1999 تي جاري ڪيل پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر 1 جي تحت صوبائي اسيمبلي معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ فوري قدم کڻڻ ضروري آهي.

هاڻي تنهنڪري مٿين ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو، 1999 جي پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر9 ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون ڄاڻايل آرڊيننس ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XIV مجريہ 1973 دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act XIV of 1973

2. سنڌ سرڪاري ملازم ايڪٽ، 1973 ۾ دفعہ 5 ۾ شرطيہ بيان ۾ الفاظ "اهڙين مقررين ۾ هڪ سيڪڙو" جي جاءِ تي "15 گريڊ ۽ هيٺين پوسٽن جي مقررين جو ٻہ سيڪڙو" جو متبادل سمجهيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.